
# ڪامياب تاجر جا اوصاف

هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪامياب تاجر جا اوصاف

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرتِ سيدُنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رَؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن قرآن شريف پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي ساراهہ ڪئي ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرُود شريف پڙهيو، ۽ پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان مَغفرت طلب ڪئي، تہ ان ڀلائي کي پنهنجي جڳهہ تان تلاش ڪري ورتو. (شعب الايمان للبيهقي۲/۳۷۳،حديث:۲۰۸۴).

وِردِ لَب هر دَم دُرُودِ پاڪ هو يا شهہِ عرب وعجم !ڪردو ڪرم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

"ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي



www.dawateislami.net

نصيحت سان“ ۾ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻٽائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

## ڪامياب تجارت جوراز!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِسلام جيئن ته مڪمل دِين آهي ۽ اِنساني زِندگي جي هر شُعبي تي هن جو حڪم نافذ آهي، ان ڪري اسلام جتي اسان کي عبادت جا طريقا ٻڌائي ٿو، اتي مُعاملات جي باري ۾ به رهنمائي فرمائي ٿو، ته جيئن زندگي جو ڪو شعبو به اڌورو نه رهي ۽ مسلمان ڪنهن عمل ۾ اسلام جي علاوه ڪنهن ٻي جو محتاج نه رهي، مال حاصل ڪرڻ جون ڪي صورتون جائز آهن ۽ ڪي ناجائز، حلال روزي ڪمائڻ جي لاءِ ضروري آهي ته جائز ۽ ناجائز جو علم حاصل ڪري. جائز طريقن تي عمل ڪري ۽ ناجائز طريقن کان بچڻ جي ڪوشش ڪري، اڄ جي بيان ۾ ”**ڪامياب واپاري**“ جي عنوان تحت ڪيئي مدني گل بيان ڪيا ويندا. سڀ کان پهريان صحابِي رسول حضرت سَيِدُنا زُبير بن عوّام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مبارڪ سيرت جي مهڪندڙ پهلوئن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌون ٿا ۽ پوءِ واپار ۾ ڪاميابي جي لاءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا فرمانِ عاليشان ٻڌي تربيت جا مدني گل چونڊڻ جي ڪوشش ڪنداسين.



www.dawateislami.net

## سيدنا زُبَير بِن عَوَّام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو تعارُف:

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 346 صَفحن تي مشتمل ڪتاب، ”ڪراماتِ صحابہ“ صَفحي 120 تي شيخ الحديث حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت سيدُنا زُبَير بِن عَوَّام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو تعارف ڪجهہ ائين ڪن ٿا تہ هي حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڦڦي حضرت صفيہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا جا فرزند آهن. ان ڪري اهي رشتي ۾ شهنشاهِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پُڦات ۽ حضرت سيده خديجہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا جا ڀائيٽا ۽ حضرت ابو بڪرصديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جا نياٽا آهن. اهي بہ عشره مُبَشره يعني انهن ڏهن خوش نصيب صحابہَ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُم مان آهن جن کي حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّتي هجڻ جي خوشخبري ٻڌائي۔ (ڪراماتِ صحابہ ص۱۲۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرت سَيدُنا زبير بن عوّام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان هڪ ڀيري سندن جي ڪامياب تاجر (يعني واپاري) هئڻ جو راز پڇيو ويو، تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو تہ مون ڪڏهن ڏسڻ بنا ڪا شيءِ خريد نہ ڪئي ۽ گهٽ نفعي (فائدي) کي ڪڏهن بہ رد نہ ڪيو، (نہ ڇڏيو) ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي، برڪت سان نوازيندو آهي. (الاستيعاب،باب۸۱۱،ج۲،ص۹۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ جڏهن حضرت سَيدُنا زُبَير بن عوّام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان واپار ۾ سندن ڪاميابي جو راز پڇيو ويو تہ پاڻ ڪيڏا نہ پيارا مدني گل ارشاد فرمايا، ۽ پوءِ آخر ۾ اهو بہ ارشاد فرمايو تہ هن ۾ منهنجو ڪو ڪمال ناهي، بلڪ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي برڪت



www.dawateislami.net

سان نوازيندو آهي، هن مان چڱي طرح سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اسان جي بزرگن جي واپار جو انداز ۽ روزگار جو انداز ڪيڏو نه بهترين هو.

## پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ديانت داري

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سَيِدُنا زُبَير بن عوّام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ائين ته هر اعتبار سان پنهنجو مٽ پاڻ هئا، پر خاص ڪري واپار ۾ اوهان جي تقوي ۽ پرهيزگاري ٻين ماڻهن جي لاءِ پيروي لائق ۽ رشڪ جو سبب آهي.

هن مهيني مُبارڪ جُمَادَي الأُخريٰ ۾حضرت سَيدُنا زُبير بن عوّام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو وصال ٿيو هو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي عرس جي مناسبت سان سندن ذڪرِ خير ٻڌائيندس، اوهان جيئن ته هڪ **دِيانت دار ۽ ڪامياب واپاري** به هئا، تجارت (واپار) جي حوالي سان الله تعاليٰ اوهان کي ڪهڙين خوبين سان نوازيو هو اهو ٻڌڻ جي به سعادت حاصل ڪنداسين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ نهايت ديانت دار هئا .اَمِيرُ الْمُؤْمِنِين حضرتِ سيدُنا عُثمانِ غني، سيدُنا مقداد، سيدُنا عبدُالرَّحمٰن بن عوف ۽ سيدُنا عبدُ الله اِبنِ مسعود سميت ٻين ست (7) جليلُ القدر صحابهَ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حضرتِ سيدُنا زُبَير بِن عوّام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي امانت ۽ ديانت جي ڪري انهن کي پنهنجي مال جو والي (يعني نگهبان) مُقَرَّر ڪيو. پوءِ حضرتِ سيدُنا زُبَير بِن عوّام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڏي دِيانتداري سان انهن جي مال جي حفاظت ڪئي ۽ انهن جي اَولاد تي پنهنجي ڪمائي مان خرچ ڪندا هئا.

(تاريخ مدينه دمشق، حضرت زبير بن عوّام ، ج١٨، ص٣٩٧)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو اَسلاف (بزرگانِ دِين) مثال طور صحابہَ ڪرام عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان يا اڳوڻا نيڪ انسان ذاتي معاملن ۾ ڪاروبار ۾ سچائي، اَمانت، عدل واِنصاف، تقويٰ و پرهيزگاري، احسان ۽ ڀلائي، اِيثار و خير خواهي کي اپنائي اسلام جي عطا ڪيل ڪاروباري اُصولن تي قائم رهندا هئا، ان ڪري انهن جي مبارڪ دور ۾ مسلمان خُوشحال هئا، پر هاڻي ظُلم و نااِنصافي، ڪوڙ، ڌوڪو ۽ فريب، مَفاد پرستي، وياج خوري جهڙيون برائيون مسلمان جي ڪردار ۾ پيدا ٿي ويون آهن، سواءِ انهن ڪان جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ بچائي، طرح طرح جي خرابين جي ڪري هاڻي ڪاروباري حالتون چڱيون نہ رهيون، جيڪڏهن اسان! قرآن و حديث جي بيان ڪيل اُصولن تي عمل ڪري رِزق حاصل ڪيون، اسلامي تجارت جا مُعاملات سِکون ۽ عمل ڪيون، واپار جي معاملن ۾ پنهنجي بزرگن جي پيروي ڪيون تہ اِنۡ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ، اسلامي مُعاشري ۾ شاندار تبديلي ايندي ۽ مسلمان ٻيهر خوشحال ٿي ويندا ۽ سڀ کان وڏيڪ اهو تہ الله تعاليٰ ۽ ان جا حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا و خُوشنودي بہ نصيب ٿيندي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مَعِيشت جو آغاز:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صَدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرتِ علّامہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه بهارِشريعت ۾ ڪسب ۽ واپارجا مَقصَدِ بيان ڪيا آهن، اچو ! ان جو خُلاصو ٻڌون ٿا: انسانن جون ضرورتون جيترِيون وڏيڪ آهن انهن کي حاصل ڪرڻ بہ ايترو ئي دشوار آهي جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي تمام ضرورتون پُوري ڪرڻ جي لاءِ اڪيلو



www.dawateislami.net

ئي سڀ ڪم ڪرڻ ويهي رهي (مثلاً پاڻ ئي ٻني ٻارو ڪري، وري اناج به پاڻ ئي پيهي، ڪپڙو اُٽي پاڻ ئي سبي) ته شايد ناڪام ٿي ويندو ۽ پنهنجي زندگي جا ڏينهن آساني سان نه گذاري سگهندو، ان ڪري هن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪمت آهي ته ان سيني انسانن کي مختلف شعبن ۾ مُتَعدّد قسمن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ته هر هڪ جماعت پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري ۽ سيني جي ملڻ سان سيني ماڻهن جو ضرورتون پوريون ٿين، مثال طور ڪو ڪپڙو اُڻندو آهي، ڪو پنهنجي هٿن سان ٻيا ڪم ڪندو آهي، جيئن ٻني ڪرڻ واري کي ڪپڙي جي ضرورت پوندي آهي اهڙي طرح ڪپڙو اُڻڻ وارو به اناج وغيره حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻني ٻاري وارن جو محتاج هوندو آهي، هرهڪ کي ٻئي جي ضرورت هوندي آهي، ان ڪري اها ضرورت پيدا ٿي ته هر هڪ جي شيء ٻئي وٽ پهچي وڃي ته جيئن سيني جو حاجتون پوريون ٿي وڃن ۽ ڪمن ۾ به دشواريون نه ٿين، ائين معاملات جو سلسلو شروع ٿيو ۽ خريد و فروخت وغيره هر قسم جا مُعاملات وُجُود ۾ آيا.[1]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً واپار يا خريد و فروخت هڪ سنو ۽ جائز عمل آهي، ان ڪري اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابَہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پاڻ ۾ خريد و فروخت ڪندا ۽ ڪپڙي وغيره جو واپار پڻ ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح عالم سڳورا ۽ صُلحاء ڪرام يعني نيڪ انسان رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى به تجارت ڪندا هئا پر ڪڏهن به اسلام جي عطا ڪيل واپار جي اصولن کان پري نه ٿيندا هئا.

---

[1] ...بہار شریعت،۲/۶۰۸



www.dawateislami.net

اللهعَزَّوَجَلَّ سيپاري 5 سورة النساء جي آيت نمبر 29 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَأْكُلُوا أَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ إِلَّا أَنْ تَكُونَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِنْكُمْ (پ۵،النساء:۲۹)

**ترجموڪنزالايمان:** اي اِيمان وارؤ پاڻ ۾ هِڪ ٻِئي جو مال ناحق نه کائو مگر هِيءَ ته ڪو سؤدو توهان جو هِڪٻِئي جِي رضامندِي سان هُجي.

امام احمد بن حجر مکي هيتمي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت سڳوري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ واضح فرمائي ڇڏيو ته واپار انهيءَ صُورت ۾ جائز ٿي سگهي ٿو، جڏهن ٻنهي ڌرين جي رِضامَندي سان ٿئي ۽ رِضامَندي تڏهن ئي حاصل ٿي سگهندي جڏهن اتي نه ته ملاوت هجي ۽ نه ئي ڪو ڌوڪو، ان ڪري جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا، پنهنجي دِين ۽ دُنيا و آخرت جي سلامتي، ۽ مُرُوَّت ۽ عزّت چاهي ٿو ته ان کي کپي ته پنهنجي دِين جي لاءِ ڪوشش ڪري ان ڌوڪي ۽ ملاوت واري ڪاروبار مان ڪا شيءِ اختيار نه ڪري . (الزواجر عن اقتراف الكبائر ،ج ۱،ص۵۲۰)

اے ملاوٹ کرنے والے مان جا　　خوف کر بھائی عذابِ نار کا
چھوڑ دو اے تاجرو! کم تولنا　　جُھوٹ چھوڑو بیچنے میں بولنا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حلال ڪمائي جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جائز طريقن سان ڪمائڻ ۽ واپار ڪرڻ جي ذريعي پنهنجي ماءُ پيءُ، پيڻ ڀاءُ ۽ ٻارن ٻچن وغيره جي لاءِ رِزقِ حلال جو حُصُول ۽ ان جي طلب انساني ضرورت آهي ۽ قرآنِ شريف ۾ ڪيئي هنڌن تي حلال رِزق حاصِل ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏياريو ويو آهي، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجو فضل چيو آهي ۽ ان جي تلاش ۽ جستجو جاري



www.dawateislami.net

رکڻ جي ترغيب ۽ ان جو حڪم پڻ ارشاد فرمايو آهي، جيئن سيپاري 30 سُوْرَةُ النَّبَا جي آيت 11۾ ارشاد آهي:

وَجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان ڏينهن کي روزگار جي لاءِ بنايو.

هڪ ٻئي هنڌ تي ارشاد فرمايو:

فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَ ابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ

(پ٢٨، الجمعة: ١٠)

**ترجموڪنزالايمان:** تہ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل تلاش ڪريو.

## روزگار جي جستجو جي عظمت

حضرتِ سَيِدُنا ڪَعب بن عُجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرورِ عالَم، نُورِ مُجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ تشريف فرما هئا.ايتري ۾ هڪ نوجوان ويجهو کان گذريو، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هڪ طاقتور ۽ مَضبُوط جسم واري نوجوان کي ڏٺو تہ چيو: ڪاش! هن جي جواني ۽ طاقت الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ خرچ ٿئي ها. هن تي رَحمتِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: (1) جيڪڏهن اهو شخص پنهنجي ننڍن ٻارن جي لاءِ رِزق جي ڳولها ۾ نڪتو آهي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ ئي جي راهہ ۾ آهي (2) ۽ جيڪڏهن يہ شخص پنهنجي پوڙهن والدين جي لاءِ رِزق جي تلاش ۾ نڪتو آهي تہ بہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ آهي(3) ۽ جيڪڏهن اهو پاڻ کي (ماڻهن جي اڳيان هٿ ڦهلائڻ يا حرام کائڻ يا) بچائڻ جي لاءِ رِزق جي تلاش ۾ نڪتو آهي تہ بہ هي الله عَزَّوَجَلَّ کي راهہ ۾ آهي (4) البت جيڪڏهن اهو ڏيکاءُ ۽ تَفاخُر (فخر، وڏائي) جي لاءِ نڪتو آهي تہ اهو



www.dawateislami.net

شيطان جي راهہ ۾ آهي.[2]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان پنهنجي والدين جي خدمت ۽ اولاد جي ڪفالت جي لاءِ ڊوڙ ڍُڪ ڪرڻ جي ڪيڏي نہ اهميت آهي جو رسولِ ڪريم، رَؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ نڪرڻ وارو چيو. ياد رکو! سچائي، اِنصاف ۽ دِيانتداري سان حلال و حرام جو لحاظ رکندي واپار، مُلازمت، يا محنت مزدوري ڪرڻ وارا نہ صرف اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي محبوب آهن، بلڪ اهڙن جو حشر بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ چڱن سان ٿيندو، ۽ انهن جي مَغفِرت ڪئي ويندي ۽ سياڻي قيامت جي ڏينهن انهن جي چهرن جي روشني چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪندي هوندي. اچو! ڪسب ۽ واپار ۽ ڪم ڪار جي فضيلت تي مُشتمل 4 فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا تہ جيئن واپار جي اَهميت وڌيڪ ظاهر ٿئي.

## ڪسب جي فضيلت تي مُشتمل 4 فرمانِ مُصطفٰي

1. اَلتَّاجِرُ الصَّدُوْقُ الْاَمِيْنُ مَعَ النَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَاء يعني سچا اَمانت دار واپاري اَنبياء، صِدّيقين ۽ شُهداء سان گڏ هوندا.[3]

2. اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُؤْمِنَ الْمُحْتَرِفَ يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پيشي وَر(ڪم ڪار ڪرڻ واري) مُومِن کي پسند فرمائي ٿو.[4]

[2] ... معجم الاوسط، ۵/۱۳۶، حديث:۶۸۳۵

[3] ...ترمذی، کتاب البیوع، باب ماجاء فی التجاروتسمیة النبی ایاھم، ۳/۵، حديث:۱۲۱۳

[4] ...معجم الاوسط، ۶/۳۲۷، حديث:۸۹۳۴



www.dawateislami.net

3. مَنْ اَمْسٰی کَالًّا مِنْ عَمَلِ یَدَیْهِ اَمْسٰی مَغْفُوْرًا لَهٗ يعني جيڪو پنهنجي هٿن سان ڪم ڪري ٿڪجي شام ڪندو آهي، اهو مغفرت يافته (يعني بخشجي شام ڪندو آهي .[5]

4. مَنْ طَلَبَ الدُّنْيَا حَلَالًا اِسْتِعْفَافًا عَنِ الْمَسْئَلَةِ وَسَعْيًا عَلٰى اَهْلِهٖ وَتَعَطُّفًا عَلٰى جَارِهٖ لَقِيَ اللهَ وَ وَجْهُهٗ كَالْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ يعني جنهن پاڻ کي سوال کان بچائڻ جي لاءِ ڊوڙ ڍُڪ ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڙي واري تي مهرباني ڪرڻ جي لاءِ حلال طريقي سان دُنيا طلب ڪئي، اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان هن حال ۾ ملندو جو ان جو چهرو چوڏهين جي چانڊوڪي رات جيان روشن هوندو.[6]

تاج و تخت و حکومت مت دے　　کثرتِ مال و دولت مت دے
اپني رِضا کا ديدے مُژده　　ياالله مِري جهولي بهر دے

(وسائلِ بخشش،ص۱۲۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪامياب واپاري جا وصف ٻڌڻ سان گڏوگڏ حضرت سَيدُنا زُبَير بن عوّام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو ذڪر خير بہ ٻڌون ٿا.

## عظيم امڙ جو اندازِ تربيت!

حضرت سَيدُنا زُبَير بن عوّام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ **عشرهٔ مبشره** مان ڇهين نمبر تي صحابي آهن، عشرهٔ مبشره اُنهن 10صحابين کي چيو ويندو آهي

---

[5] ...معجم الاوسط،۵/۳۳۷،حديث:۷۵۲۰
[6] ...مصنف ابن ابی شيبة،کتاب البيوع والاقضية،باب فی التجارة...الخ،۵/۲۵۸،حديث:۷



www.dawateislami.net

جن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت عنايت فرمائي، حضرت سَيِّدَتُنَا صفيه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جهڙي عظيم امڙ احساسِ ذميداري جو مُظاهره ڪندي پنهنجي لختِ جگر جي خوب مدني تربيت ڪئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا مبارڪ پيشا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪسبِ حلال نہ صرف هڪ فضيلت لائق عمل آهي، بلڪ ڪئيي نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام کان علاوه نبين جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بہ پياري پياري سُنَّت آهي، تنهنڪري ان کي سُنَّت سمجهي اِختيار ڪرڻ گهرجي. انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ڪسب جي لاءِ مختلف پيشا اختيار ڪيا. مُفْتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ڀهريان ڪپڙا اُڻڻ جو ڪم ڪندا هئا پوءِ وري ٻني ٻارو ڪرڻ لڳا، حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام ڪاٺ واري پيشي، حضرت اِدرِيس عَلَيْهِ السَّلَام دَرزي، حضرت هود و صالح عَلَيْهِمَا السَّلَام واپار، حضرت اِبراهيم و لُوط عَلَيْهِمَا السَّلَام ٻني ٻارو ۽ حضرت شُعَيب عَلَيْهِ السَّلَام جانور پاليندا هئا. اهڙي طرح حضرت مُوسيٰ ڪَلِيْمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ٻڪريون چاريندا هئا، حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام زِرَه (جنگ ۾ استعمال ٿيڻ وارو لوهي چارين وارو لباس) ٺاهيندا هئا، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام سڄي دُنيا جا بادشاهہ هئڻ جي باوُجُود پڪا ۽ ڪچي جي ڦڙهن جون ٽوڪريون ٺاهيندا هئا، ۽ اسان جي پياري آقا سيدُ الانبياء احمدِ مُجتبيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپار ڪي پنهنجي



www.dawateislami.net

ذاتِ بابرڪت سان شَرَف بخشيو هو.[7]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم هوا ٿيو تہ حلال رزق حاصل ڪرڻ جي لاءِ اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام بہ صَنعَت و تِجارت کي اِختيار ڪيو، هن ڳالھ ۾ تہ ڪنهن شڪ شبهي جي گُنجائش ئي ناهي تہ اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام هر قسم جي بُرائين ۽ گُناهن کان پاڪ هوندا آهن، جيڪڏهن ڪسب و واپار ۾ بُرائين جو اِرتڪاب ضروري هجي ها يا هن ۾ بذاتِ خُود ڪو خرابي هجي ها تہ اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام هرگز ان کي اختيار نہ ڪن ها، **حقيقت** اها آهي تہ خرابيون ۽ بدعُنوانيون ڪاروبار ۾ نہ بلڪ اسان جي پاڻ جي ڪردار ۾ موجود آهن، جنهن جي روڪ ٿام جي لاءِ شَريعت جائز و ناجائز ۽ حلال وحَرام جا پيمانا مُقَرَّر ڪيا آهن، تہ جيئن ڪو مُسلمان ظُلم جو شڪار نہ ٿئي ۽ نہ ئي ڪنهن جي حق تَلَفِي ٿئي، لهٰذا جيڪي ماڻهو انهن احڪامن تي عمل ڪندا آهن اهي دُنيا و آخرت ۾ بہ ڪامياب ٿيندا آهن ۽ جيڪي انهن اَحڪامن جو ڌيان نہ ڪندي حرام و حلال جي تميز ڇڏي نَفس جي خواهشن تي عمل ڪندا آهن، اهي دُنيا و آخرت ۾ ناڪام ٿيندا آهن.

## ڪهڙو پيشو افضل آهي؟

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب **اِسلامي زِندگي** ۾ لکن ٿا: بيڪار وينو رهڻ وڏو جُرم آهي ۽ ناجائز پيشو (اختيار) ڪرڻ ان کان بہ وڏو جُرم، رَبّ تعاليٰ هٿ پير وغيره ڪم ڪرڻ جي لاءِ ڏنا آهن، بيڪار ويهڻ جي لاءِ نہ. اهڙي طرح بي مُروَّتي وارا پيشا مڪروه آهن، جيئن ضرورت جي وَقت اناج ذخيرو ڪرڻ، حرام شين

---

[7]...مراٰة المناجيح، ۲۲۸/۴، ملخصاً



www.dawateislami.net

جو ڪاروبار حرام آهي، جيئن ڳائڻ وڄائڻ، نچڻ، ڪُڪڙ وڙهائڻ، ٻڪرين وڙهائڻ وغيره، ڪوڙين شاهدين جا پيشا ائين شراب جو واپار چو ته شراب، وڪڻڻ، وڪڻائڻ، خريدڻ، خريدائڻ ،وغيره. (اسلامي زندگي،ص۱۴۴)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## واپارءِ صحابهَ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو مَعمُول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان صحابهَ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مُبارڪ سيرتن تي نظر وجهون تي هر پاسي تَقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ رضاءِ الٰهي جي طَلبِ جون مدني بهارون نظر ايندیون آهن جيئن

حضرت سَيدُنا قتاده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته صحابهَ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان واپار ته ڪندا هئا پر جڏهن انهن کي حُقُوقُ الله مان ڪو حق پيش ايندو هو ته واپار ۽ خريدو فروخت انهن کي ذِڪرُ الله کان نه روڪيندي هئي، ايستائين جو اهي انهيءِ حق کي ادا ڪري وٺندا هئا.[8] صحابهَ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي هن طرزِ عمل کي بيان ڪندي، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پاڪ ڪلام قرآنِ ڪريم ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

رِجَالٌ لَّا تُلۡهِيۡهِمۡ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيۡعٌ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ وَاِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيۡتَآءِ الزَّكٰوةِ (پ۱۸، النور:۳۷)

**ترجَموڪنزالايمان:** اهي مرد جن کي غافل ناهي ڪندو ڪو سودو ۽ نه خريد و فروخت الله جي ياد ۽ نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوٰة ڏيڻ کان.

حضرت ابنِ مَسعُود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڏٺو ته بازار وارن اَذان ٻڌندي ئي

---

[8] ...بخاری،کتاب البیوع، بابو اذا راوا تجارة ...الخ،۹/۲، تحت الباب : ۱۱



www.dawateislami.net

پنهنجو (تِجارتي) سامان ڇڏيو ۽ نماز جي لاءِ بيهي رهيا. ان تي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو تہ انهن ماڻهن جي حق ۾ الله عَزَّوَجَلَّ آيت ”رِجَالٌ لَّا تُلْهِيهِمْ“ نازِل فرمائي آهي.[9]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو غورڪيو تہ اِسلام جو اڳوڻو دَور ڪيڏو نہ خُوبصورت ۽ روشن هو هو جڏهن مُسلمان تَقويٰ وپرهيزگاري جا پيڪر هوندا هئا، اهي حضرات ڪسبِ حلال جي لاءِ واپار تہ ڪندا هئا پر بَددِيانتي، ڪوڙ ۽ فريب وغيره کان پنهنجو پاڻ کي بچائي رکندا هئا، ان ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجن بُزرگانِ دين جي نَقشِ قدم تي هلندي شرعي اُصُولن جي مُطابِق واپار ڪيون. اچو! حديث شريف جي روشني ۾ هن ڳالهہ جو جائزو وٺون ٿا تہ اسلام جي نظر ۾ واپار جا ڪهڙا اصول آهن ۽ هڪ ڪامياب واپاري ۾ ڪهڙا ڪهڙ گُڻ هجڻ کپن:

## واپاري کي ڪهڙو هجڻ گهرجي؟

حضرت سيدُنا مُعاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ ٻنهي جهان جي تاجور، سُلطانِ بحر و بر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ سڀ کان پاڪيزه ڪمائي انهن واپارين جي آهي جيڪي ڳالهائن تہ ڪوڙ نہ ڳالهائن، جڏهن انهن وٽ امانت رکي وڃي تہ ان ۾ خيانت نہ ڪن، جڏهن واعدو ڪن تہ ان جي خلاف ورزي نہ ڪن، جڏهن ڪا شيءِ خريد ڪن تہ ان ۾ عيب نہ ڪڍن، جڏهن وڪڻن تہ ان جي اجائي واکاڻ نہ ڪن، جڏهن انهن تي ڪنهن جو ڪجهہ هجي تہ ان جي ادائيگي ۾ سُستي نہ ڪن ۽ جڏهن

[9]...معجم ڪبير،عبد الله بن مسعود...الخ، ۲۲۲/۹، حديث:۹۰۷۹



www.dawateislami.net

انھن جو ڪنھن تي ڪجھ نڪري تہ ان جي وُصُولي جي لاءِ سختي نہ ڪن.[10]

ياد رکو! واپار ھجي يا ٻيا مُعاملا، ڪنھن کي ڌوکو ڏيڻ يا ڪوڙ ڳالھائڻ نھايت سخت جرم ۽ تمام وڏي خيانت آھي، جيئن

حضرتِ سَيِدُنا سُفيان بن اَسِيد حَضرَمي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آھي تہ مون مکي مدني مصطفيٰ،مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ھي فرمائيندي ٻڌو تہ وڏي خيانت جي ڳالھ اھا آھي تون پنھنجي ڀاء سان ڪا ڳالھ ڪرين ۽ اھو تو کي ان ڳالھ ۾ سچو سمجھي رھيو ھجي، حالانڪ تون ان سان ڪوڙ ڳالھائي رھيو ھجين .[11]

اھڙي طرح پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا "خريدوفروخت ڪرڻ وارا جيستائين سودو مڪمل نہ ڪن انھن کي اختيار حاصل آھي،جيڪڏھن اھو سودو ڪندي سچ ڳالھائن ۽ سچ بيان ڪن تہ انھن جي سودي ۾ برڪت وجھي ويندي اھي ۽ جيڪڏھن اھي لڪائن ۽ ڪوڙ ڳالھائن تہ شايد اھي ڪجھ نفعو ڪمائي وٺن، پر پنھنجي سودي جي برڪت ختم ڪري ڇڏيندا آھن، چوتہ ڪوڙو قسم مال تہ وڪڻائي ڇڏيندو آھي پر برڪت ختم ڪري ڇڏيندو آھي." (التر غيب والترھيب ، كتاب البيوع ،باب تر غيب التجارفي الصرف ،رقم ۴ ، ج۲،ص۳۶۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏھن مُطلقاً ڪوڙ ڳالھائڻ بہ گناھ آھي، تہ پوءِ مسلمان ڀاء سان خريد و فروخت جو مُعامَلو ڪندي ڪوڙ ڳالھائي ان کي ڌوکو ڏيڻ ڪيترو نہ شديد ھوندو. صَد افسوس جو اڄڪلھ ڪثرت سان

---

[10]...شعب الايمان ، باب حفظ اللسان،۲۲۱/۴،حديث: ۴۸۵۴

[11]...ابوداؤد،ڪتاب الادب، باب فی المعاريض،۳۸۱/۴ حديث:۴۹۷۱



www.dawateislami.net

ڪوڙ ڳالهائڻ کي ڪمال ۽ ترقّي جي نشاني جڏهن ته سچ کي بي وقُوفي ۽ ترقّي جي راه ۾ رُڪاوٽ تَصوُّر ڪيو ويندو آهي. ايستائين جو ڪيئي ماڻهو پنهنجو مال وڪڻڻ جي لاءِ ڪوڙا قسم کڻڻ کان به پاسو نه ڪندا آهن، اهڙن ماڻهن کي پنهنجي ذِهن ۾ اها ڳالهه چڱي طرح ويهارڻ گهرجي ته الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو رِزق نصيب ۾ لکيو آهي اهو ملي ئي ويندو، نه ته سچ ڳالهائڻ سان اوهان جي حصي جي رِزق ۾ ڪا گهٽتائي ايندي، نه ئي ڪوڙ ڳالهائڻ سان اوهان پنهنجي حصّي ۾ وڌيڪ رِزق حاصل ڪري سگهو ٿا، البت ڪوڙ ڳالهائڻ نهايت وڏي بي برڪتي ۽ مَعاشي تباهي جو سبب ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪوڙو ماڻهو چاهي ڪيترين ئي ڪاميابيون ماڻي پر آخرڪار ڪوڙ جو وبال ان تي ٿيندو، بالفرض دُنيا ۾ نه سهي پر آخرت جو خَسارو ته ضرور آهي ۽ يقيناً آخرت جي خساري کان وڌيڪ انسان جي لاءِ ڪا مُصيبت ناهي. ڪاش! اسان پنهنجي مسلمان ڀائرن سان خَير خواهي ۽ ڀلائي وارو مُعامَلو ڪيون ۽ رِزق جي باري ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو رکڻ کي پنهنجي عادت بڻايون. هاءِ! اڄڪلهه واپاري مُعاملن ۾ جڳهه جڳهه ڪوڙ ۽ ڌوڪو ايترو ته عام ٿي چڪو آهي جو ماڻهن رازقِ حقيقي عَزَّوَجَلَّ تي تَوَڪُّل ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. حالانڪ هڪ ڪامياب واپاري کي انهيء پاڪ ذات تي تَوَڪُّل جو ذِهن بنائڻ گهرجي، جنهن زمين تي هلڻ واري هر جاندار جو رِزق پنهنجي ذِمّهءِ ڪَرَم تي ڪنيو آهي.

ميں جھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نکالوں اللہ مرض سے تُو گناہوں کے شِفا دے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪامياب واپاري جا اوصاف پڙهڻ سان گڏوگڏ حضرت سَيِّدُنازُبَير بن عوّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو ذِڪرِ خير بہ جاري آهي، سرڪارِ عالم،نُورِمجسّم، شاه آدم و بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو **عشرهٔ مبشره** ۾ چيهين صحابي حضرت سَيِّدُنا زُبَير بن عوّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي "فِدَاكَ اَبِیۡ وَاُمِّیۡ" فرمائڻ جو ايمان افروز واقعو بہ پڙهون ٿا:

## سرڪار جو ''فِدَاكَ اَبِیۡ وَاُمِّیۡ'' فرمائڻ:

حضرت عبدُ اللّٰه بن زُبير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ غزوهٔ اَحزاب (8 شوال يا ذو القعدة الحرام 5ھ) جي موقعي تي مان ۽ حضرت عمر بن ابي سلمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عورتن جي حفاظت تي مقرر هئاسين، اوچتو مون پنهنجي والدِ ماجد حضرت سيدُنا زُبَير بِن عَوَّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي بہ ٽي ڀيرا بنوقُريظه ڏانهن ايندي ويندي ڏٺو، واپسي تي مون ان جو سبب پڇيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو: اي منهنجا پٽ! ڇا واقعي توهان مون کي ڏٺو هو؟ مون عرض ڪيو: جي ها! تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ٻڌايو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو هو تہ بني قريظہ بابت خبرون ڪير کڻي ايندو؟ پوءِ اها خدمت مون سرانجام ڏني ۽ جڏهن واپس بارگاهہ نبوت ۾ حاضر ٿيس تہ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي لاءِ پنهنجي والدين ڪريمين کي گڏ ڪندي ارشاد فرمايا:فِدَاكَ اَبِیۡ وَاُمِّیۡ. يعني اي زُبير توهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قُربان.

(صحيح البخاري،ڪتاب فضائل اصحاب النبي،مناقب الزبير بن العوَّام، الحديث:۳۷۲۰، ج۲، ص۵۳۹)

تم کو تو غُلاموں سے ہے کچھ ایسی مَحَبَّت ہے ترکِ ادب ورنہ کہیں ہم پہ فِدا ہو

(ذوقِ نعت، ص ۱۴۷)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واپار ۽ ڪاروبار ڪرڻ وارا ۽ اسان سڀ بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي عملي طور تي مختلف مدني ڪمن ۾ پنهنجي پاڻ کي مصروف رکون، تہ جيئن پاڻ بہ نيڪين ڀري زندگي گذاري سگهون ۽ ٻين تائين بہ نيڪي جي دعوت پهچائڻ جي سعادت حاصل ٿيندي رهي، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان خبر ناهي ڪيترن جي زندگين ۾ مدني اِنقلاب اچي چڪو آهي، اچو! هاڻي هڪ ڪرڪيٽ جي شوقين جي مدني بهار ٻڌون ٿا تہ اهو ڪهڙي طرح دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو ۽ ان کي وابستہ ٿيڻ کان پوءِ ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون حاصل ٿيون،

## دوستن جي انفرادي ڪوشش

بابُ المدينہ (ڪراچي) بلديہ ٽاؤن جي رهائشي مدني اسلامي ڀائر جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجي زندگي جا ڏينهن رات فاني دنيا جي لذتن ۾ ڪٽجي رهيا هئا، ڪرڪيٽ جو شوقين هئس، فاني دنيا جي حقيقت مون تي ڪجهہ ائين ظاهر ٿي، 1996 جي ڳالهہ آهي منهنجا ڪي دوست جيڪي مون سان گڏ کيڏندا هئا انهن کي مدني ماحول ملي ويو، فيضانِ دعوت اسلامي سان انهن جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ واضح فرق اچڻ لڳو، راند روند کان پاسو ڪري مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ لڳا، جتي اهي پاڻ نمازن جا پابند بڻجي چڪا هئا اتي انهن مون تي بہ انفرادي ڪوشش ڪندي پاڻ سان گڏ مسجد ۾ وٺي ويندا هئا ۽ سنيون سنيون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا، هڪ ڏينهن انهن سان گڏ نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد ۾ وڃڻ ٿيو تہ نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ انهن مونکي چوڪ درس ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، پوءِ مون انڪار ڪرڻ مُناسِب نہ سمجهيو ۽ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويس، مسجد



www.dawateislami.net

ڪان ٻاهر هڪ با رُونق جڳهه تي چوڪ درس جي ترڪيب ڪئي وئي، هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي چوڪ درس ڏنو، جيڪو ٻڌي ڏاڍو وڻيو، دوستن جو نيڪي جي دعوت جو جذبو ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيس، مون پنهنجي دل ۾ هڪ عجيب ڪيفيت محسوس ڪئي، چوڪ درس جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي محبت دل ۾ رچي وئي ۽ مان انهيءَ ماحول جو اسير بڻجي ويس، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اهي اڪر لکڻ مهل تائين رڪنِ ڪابينہ هئڻ جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

اسی ماحول نے ادنی کو اعلی کر دیا دیکھو　　اندھیر ا ہی اندھیرا تھا اجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو! ڪامياب واپاري جا ڪي اَوصاف ٻڌون ٿا ۽ جيڪي اسلامي ڀائر واپار جي شُعبي سان وابستہ آهن، خاص ڪري اهي انهن ڪي اپنائڻ جي نيت بہ ڪندا وڃن.

## محنت:

ياد رکو! دُنيا ۾ ڪو بہ ڪم بغير محنت جي ناهي ٿيندو، پر واپار ۾ سخت محنت، چُستي ۽ هوشياري ضروري آهي، **ڪاهل** سُست ماڻهو ڪڏهن ڪنهن ڪم ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي. چوڻي مشهور آهي تہ بنا محنت جي تہ گرهہ بہ وات ۾ ناهي ويندو، واپاري چاهي ڪيترو بہ وڏو ماڻهو بڻجي وڃي، پر سمورا ڪم نوڪرن تہ نہ ڇڏي، بعض ڪم پاڻ بہ ڪندو رهي.

## خُوش اَخلاقي:

واپاري جي لاءِ هڪ اَهم صفت حُسنِ اخلاق جو پيڪر هئڻ بہ آهي،



www.dawateislami.net

ائين تہ هر مسلمان کي خُوش اخلاق هئڻ گهرجي، پر واپاري لاءِ خُصُوصيت سان خُوش خلقي ضروري آهي، جڏهن تہ بَد اخلاق ۽ بد مزاج شخص کان ماڻهو پاسو ڪندا آهن ۽ اهڙن وٽ جيڪو گراهڪ هڪ ڀيري ويندو آهي تہ ٻيهر وڃڻ پسند ناهي ڪندو.

## دِيانتداري:

واپاري جو نيڪ چلن، ديانتدار هئڻ بہ نهايت ضروري آهي، بَد چلن، بدمَعاش، حرام کائڻ وارو واپار ۾ ڪيئن ڪامياب ٿي سگهي ٿو؟

## جلد باز يا اڻ واقف واپاري:

اهڙي طرح هڪ ڪامياب واپاري بڻجڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ جلد باز يا اڻ واقف (غير تجربيڪار) نہ هجي .بعض واپاري دُڪان/ڪاروبار شروع ڪندي ئي لڪا پَتي بڻجڻ چاهين ٿا، جيڪڏهن بہ (2) ڏينهن وِڪرو (سيل) نہ ٿئي يا ڪجهه نقصان ٿي وڃي تہ هڪدم بد دل ٿي دُڪان/ڪاروبار ڇڏي ڏيندا آهن، ائين نہ ڪرڻ گهرجي .

## اجايو خرچ:

اڻ واقف واپاري معمولي ڪاروبار تي گهڻو خرچ وڌائي ڇڏيندا آهن، انهن جي ننڍڙي دڪان ايترو خرچ نٿي ڪٽي سگهي، آخرڪار ناڪام ٿيا ويندا آهن . لهٰذا ائين نہ ڪرڻ گهرجي، ۽ فُضُول خرچ ۽ اجايو اِسراف کان بچڻ نهايت ضروري آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رِضا جي مُطابق زندگي گذارڻ چاهيون ٿا ۽ هڪ



www.dawateislami.net

بهترين ۽ با شرع مُسلمان بڻجڻ چاهيون ٿا، تہ دعوتِ اسلامي جي مَدني ماحول سان هر دَم وابستہ رهو، عاشِقانِ رَسول سان گڏ مَدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو مَعمُول بڻايو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهان ۾ سُڪون ۽ چين نصيب ٿيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دينِ مَتين جي تَروِيج واِشاعت جي لاءِ گهڻن ئي شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شُعبَو "مجلسِ تاجِران " بہ آهي .

## مجلس تاجران

اسلام پنهنجي مڃڻ وارن کي واپار جا بلڪل واضِح اُصُول عطا ڪيا آهن، پر بدقسمتي سان علم کان دُوري ۽ دُنيا جي پُر فريب روشنين اڄ جي مسلمان کي انهن سنهري اُصُولن تي عمل کان پري ڪري ڇڏيو آهي. ضرورت هن ڳالهہ جي هئي تہ ڪو انهن واپارين ۾ اسلام جي حقيقي رُوح پيدا ڪري. انهيءَ ڪري تبليغ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت هڪ شُعبو بنام ”مجلس تاجران“ جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي، جنهن جو ڪم واپار واري شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن کي واپار جي باري ۾ اسلامي تعليمات سان رُوشناس ڪرائڻ، انهن ۾ دعوتِ اسلامي جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي سان وابستہ ڪندي هن مدَني مَقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ جي مُطابق زندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻو آهي.

هن مدني مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ بازارن ۾ مَدَني ماحول بڻائڻ



www.dawateislami.net

جي لاءِ مسجد يا ڪنهن بہ مُناسِب مَقام تي مَدَني مرڪز جي ڏنل طريقِ ڪار جي مُطابِق مدني درس يعني (فيضانِ سُنَّت ۽ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي بيِن رسالن مان درس) ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مَچی ہو!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تجارت جا آداب:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح ڪامياب واپاري جي لاءِ تِجارت** (واپار) جا وڏيڪ اُصُول وآداب سان واقف ٿيڻ بہ نهايت ضروري آهي، انهن مان اڪثر آداب اهڙا آهن جنهن تي عمل ڪرڻ هر واپاري جي لاءِ شرعًا لازِم پڻ آهن. تنهنڪري اچو! مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل تفسير **صِراطُ الجنان** جلد 2 صفحي 184 تان واپار جا وڏيڪ ڪي آداب ٻڌون ٿا تہ جيئن واپار ۾ ڪنهن قسم جي شرعي غلطي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي ۽ خَير و برڪت سان محرومي جو شڪار نہ ٿي وڃون .

(1) واپاري کي گهرجي تہ اهو روزانو صبح جي وَقت چڱي اِرادي يعني نيتيون دل ۾ تازه ڪري تہ بازار ان ڪري وڃان ٿو تہ جيئن حلال ڪمائي سان پنهنجي اهل وعيال جو گذر سفر ڪندس ۽ اهي مخلوق کان بي نياز ٿي ويندا ۽ مون کي ايتري وانتڪائي ملي وڃي جو مان الله عَزَّوَجَلَّ جي بندگي ڪندو رهان ۽ آخرت جي راهہ تي گامزن رهان. ۽ پڻ نِيت ڪري تہ مان مخلوق سان شَفْقَت، خُلُوص ۽ اَمانت داري ڪندس، نيڪي جو حڪم ڏيندس، بُرائي کان منع ڪندس ۽ خِيانت ڪرڻ واري کان باز پُرس ڪندس.



www.dawateislami.net

(2) واپار ڪرڻ وارو جعلي ۽ اصلي نوٽن کي سڃاڻپ جو طريقو سکي ۽ نہ پاڻ جعلي نوٽ وٺي نہ ڪنهن ٻي کي ڏئي تہ جيئن مسلمانن جو حق ضايع نہ ٿئي .

(3) جيڪڏهن ڪو جَعلي نوٽ ڏئي وڃي (۽ ڏيڻ واري جي خبر نہ پوي) تہ اهو ڪنهن ٻي کي نہ ڏيڻ گهرجي (۽ جيڪڏهن ڏيڻ واري جو پتو پئجي وڃي تہ (ان کان پنهنجي اَصل رقم وٺي) ان کي بہ اهو جعلي نوٽ موٽائڻ نہ گهرجي) بلڪ ٽڪرا ڪري اڇلائڻ گهرجي تہ جيئن اهو ڪنهن ٻئي کي ڌوڪو نہ ڏئي سگهي.

(4) پنهنجي مال جي حد کان وڌيڪ واکاڻ نہ ڪري، ڇوتہ اهو ڪوڙ ۽ فريب آهي ۽ جيڪڏهن خريدار ان مال جي صفتن بابت پهريان کان باخبر آهي تہ ان جي جائز ۽ صحيح واکاڻ بہ نہ ڪري ڇو تہ هي فُضُول آهي.

(5) جيڪڏهن پاڻ وٽ مَوجُود صحيح مال ۾ ڪو عيب پيدا ٿي ويو تہ ان کي گراهڪ کان نہ لڪائي، نہ تہ ظالم ۽ گناهگار ٿيندو.

(6) وَزن ڪرڻ ۽ ماپڻ ۾ ڌوڪو نہ بلڪ پُورو توري ۽ پورو ماپي .

(7) اَصل قيمت کي لڪائي ڪري ڪنهن ماڻهو کي ڌوڪو نہ ڏيڻ گهرجي.

(8) تمام گهڻو نفعو نہ رکي، جيتوڻيڪ خريدار ڪنهن مجبوري جي ڪري ان زِيادتي تي راضي هجي.

(9) مُحتاجن جو مال وڌيڪ قيمت ۾ خريدي تہ جيئن انهن کي بہ مسرت



www.dawateislami.net

(خُوشي) نصيب ٿئي، جيئن بيواهه جو سُٺ ۾ اهي ميوا جيڪي فُقراء جي هٿان واپس آيا هجن چوته اهڙي طرح جي چشم پوشي صدقي کان به وڌيڪ فضيلت رکي ٿي.

(10) قرض خواه جي تَقاضي کان پهريان ان جو قرض اَدا ڪري ڇڏي ۽ ان کي پاڻ وٽ سڏي ڪري ڏيڻ بدران ان وٽ وڃي موٽائي ڏي.

(11) دنيا جون بازارون، ان کي آخرت جي بازار کان نه روڪن ۽ آخرت جون بازارون مَسجِدون آهن .

(12) بازارن ۾ گهٽو رهڻ جي ڪوشش نه ڪري .

(کيميائے سعادت، رکن دوم در معاملات، اصل سوم آداب کسب،۱/۳۲۶-۳۴۰، ملتقطاً)

مجھے مال و دولت کی آفت نے گھیرا بچا یاالٰہی بچا یااِلٰہی

نہ دے جاہ و حشمت نہ دولت کی کثرت گدائے مدینہ بنا یااِلٰہی

(وسائلِ بخشش،ص۱۰۱)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پيسو هجي، چاهي جهڙو هجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل اهي مدني گُل حَقيقت ۾ رِزق جي برڪت ۽ مُلڪ و قوم جي ترقّي جا عظيم نسخا آهن. صحابَہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ اَسلاف وبُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی عَمَلي زندگي جي هرميدان ۾ انهن خُوبين کي پنهنجي ڪردار جو حصّو بڻايو هو. انهن مُبارَڪ هستين جي نظر ۾ مَعاشي خُوشحالي جو مفهوم هرگز اهو نه هو جو مُلڪ و قوم کي چاهي ڪيترو ئي خَسارو ٿئي، مُسلمان ڀاءُ ڪيتري ئي مالي بدحالي جو شڪار ٿئي، پر منهنجا مالي حالات بهتر هئڻ گهرجن، منهنجي ذاتي



www.dawateislami.net

ملڪيت ودولت ۾ اِضافو هئڻ گهرجي. جائز و ناجائز ڪنهن بہ طريقي سان بين مُسلمانن کي ڪنگال ڪري انهن جي مال کي پنهنجي جائداد جو سَنگِ بُنياد قرار ڏيڻ، انهن جي دل ڪڏهن بہ گوارا نہ ڪيو، چوتہ اهي نُفُوسِ قُدسيہ اڄ جي واپارين جيان ”پيسا هجن، چاهي جهڙا بہ هجن“ جا قائل نہ هئا، بلڪ اهي تہ پنهنجن مُسلمان ڀائرن جا حقيقي خير خواہ هوندا هئا ۽ انهن جي نُقصان کي پنهنجو نُقصان سمجهندا هئا، تنهنڪري اسان کي بہ واپار ڪرڻ وقت اَسلاف جي طرزِ عمل ۽ پياري آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانن کي پيشِ نظر رکندي پنهنجي اندر تمام مسلمانن جي خَيرخواهي جو جذبو بيدار ڪرڻ گهرجي.

ميرا دل پاک ہو سرکاردُنیا کی مَحَبَّت سے　مجھے ہوجائے نفرت کاش آقا مال ودولت سے

(وسائل بخشش،ص۴۰۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! 　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واپار جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المَدينہ جو شايع ٿيل 68 صفحن تي مُشتمل رسالو ”اَسلاف کا اندازِ تجارت“ جو مُطالَعہ فرمايو، هن رِسالي کي دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مفت ۾ پڙهي سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (Download) ۽ پرنٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي 100 سيڪڙو اسلامي چينل، مدني چينل تي ”احڪام تجارت“ جو سلسلو نشر ٿيندو آهي، تجارت (واپار) جا شرعي اَحڪام سکڻ جي لاءِ اهو بہ هڪ بهترين سلسلو آهي، ان کي ڏسڻ سان بہ اسلامي تجارتي اُصول سکي ويندو. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”چوڪ درس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ شيخِ طريقت ،اميرِاَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اسان کي هڪ مَدَني مَقصَد عطا فرمايو آهي تہ "”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ تنهنڪري پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺڻ وارا بڻجي وڃو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم چوڪ درس ڏيڻ پڻ آهي، چوڪ درس جي برڪت سان نہ صرف نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب ملندو آهي، بلڪ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو آهي ۽ علمِ دِين حاصل ڪرڻ جون ڪوڙ ساريون برڪتون آهن، حديث شريف ۾ علم حاصل ڪرڻ ۽ ان کي ڦهلائڻ واري کي سخي چيو ويو آهي، جيئن

حضرتِ سيدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بَحرو بَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "ڇا مان توهان کي وڏيڪ جُودوڪرم واري جي باري ۾خبر نہ ڏيان؟" (پوءِ فرمايائون): "الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏيڪ جُودوڪرم وارو آهي ۽ مان اَولادِ آدم ۾ سڀ کان وڏيڪ سخي آهيان ۽ مون کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ سخي اهو شخص آهي، جيڪو علم حاصل ڪري، پوءِ ان علم کي ڦهلائي، ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ اُمّت جي طور تي اٿاريو ويندو ۽ ٻيو اهو شخص آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي وقف ڪري ڇڏي ايستائين جو ان کي شهيد ڪيو وڃي.

(ابويعلي ، مسند انس بن مالک ، رقم ٢٧٨٢ ، ج ٣ ، ص ١٦)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا زُبَير بن عوّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا ڪي وڏيڪ فضائل ٻڌون ٿا:

❖ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشادفرمايو: هر نبي جو ڪو نہ ڪو حواري (مخلص دوست) هوندو آهيءِ زُبير منهنجو حواري ۽ منهنجي ڦڦي جو پٽ آهي. (تاريخ مدينهدمشق،ذکر من اسمه الزبيربن العوام ،ج ١٨،ص٣٧٠)

❖ سرڪارِ نامدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشادفرمايو: اي زُبير! اهي جبريل آهن ۽ توهان کي سلام چون ٿا ۽ چون ٿا تہ مان قيامت جي ڏينهن توهان سان گڏ رهندس ايستائين جو جهنَّم جي چنگارين کي توهان جي ويجهو اچڻ نہ ڏيندس. (تاريخ مدينه دمشق،ذکر من اسمه الزبيربن العوام ،ج ١٨،ص٣٩٤،مفهوماً)

❖ الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:"طلحہ ۽ زُبير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جنّت ۾ منهنجا پاڙيسري هوندا." (تاريخ مدينه دمشق،ذکر من اسمه الزبيربن العوام ،ج ١٨،ص٣٩١)

❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: حضرت زُبير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اسلام جي ٿنڀن مان هڪ ٿنڀ آهن. (الرياض النضرة، الباب السادس الفصل الثامن في ذکر شهادةعمر، ج٢، ص٢٨٢)

❖ اُمُّ المؤمنين حضرت سَيِدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا ارشاد فرمائن ٿيون تہ حضرتِ زُبَير بِن عَوَّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن ماڻهن مان آهن جن جي باري ۾ قرآن شريف ۾ آهي: هي اهي ماڻهو آهن جن زخمي هئڻ باوجود الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪم تي لبيڪ چيو. (تاريخ مدينه دمشق،ذکر من اسمه الزبيربن العوام ،ج ١٨،ص٣٥٨)



www.dawateislami.net

## بيان جو خُلاصَو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان هڪ ڪامياب واپاري حضرت سَيِدُنازُبَير بن عوّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو ذِڪرِ خير ٻڌو، اڄ اسان ٻڌو ته **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو سنين سنين نيتن سان واپار ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو حلال ۽ جائز طريقن سان واپار ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو واپار جا شرعي اسلامي اُصول سکي ۽ اُن تي عمل ڪري. **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو پنهنجي ننڍن ٻارن، پوڙهن والدين جي لاءِ واپار ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو ڪوڙو نه بلڪو سچو هجي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو اَمانت دارهجي، خائن نه هجي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جنهن جي واپار ان کي نماز،روزي، حج و زڪوٰة وغيره جي اَدائيگي کان نه روڪي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو جائز واپار، جائز طريقن سان ڪري، ڪامياب واپاري اهو آهي جيڪو واعدو پورو ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو سامان خريد ڪندي وقت ان ۾ هرويرو عيب نه ڪڍي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو وڪڻڻ وقت مال جي اجائي واکاڻ نه ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو ادائيگي ۾ سُستي نه ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جو چُست هجي، سُست نه هجي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو خوش اَخلاق هجي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو جلد باز نه هجي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو مال وڪڻڻ مهل پنهنجي مال جا عيب خود ظاهر ڪري ڇڏي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو ناپ تور ۾ ڪمي نه ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو نيڪي جو حڪم ڏئي ۽ بُرائي کان منع ڪري، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو جعلي نوٽ نه وٺي، نه جعلي نوٽ ڏئي، جيڪڏهن ڪو ان کي ڏئي وڃي ته جعلي نوٽ کي ڦاري اڇلائي ڇڏي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو غريبن جو مال وڌيڪ



www.dawateislami.net

قيمت ۾ وني ۽ غريبن کي سستي دام ۾ وڪڻي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو قرض خواه جي تقاضي کان پهريان ان جو قرض اَدا ڪري ڇڏي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو قرضو سڏائي نه بلڪ وجي ڪري موٽائي ڏئي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جنهن کي دنيا جي بازار آخرت جي بازار (يعني مسجدن) کان نه روڪي، **ڪامياب واپاري** اهو آهي جيڪو مال جو پانهو نه هجي بلڪ رَبِّ ذُوالجلال عَزَّوَجَلَّ جو فرمانبردار پانهو ۽ محبوبِ رَبِّ ذُوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سچو غلام هجي.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي رِضا واري زندگي ۽ پنهنجي رِضا وارو موت عطا فرماءِ، اسان کان هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃي، اسان دُنيا و آخرت ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (12)

سُنّتيں عام کريں دين کا ہم کام کريں　　نيک ہو جائيں مسلمان مدينے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[12] ... مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب والسنة، ١/٩٧، حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

## قرآن پاڪ جي ادب جي حوالي نسبت سان مختلف مدني گل

{۱} قرآن مجيد کي ٽيلهي يا ٻُجڪي ۾ رکڻ ادب آهي. صحابہ ۽ تابعين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمۡ اَجۡمَعِين جي زماني ۾ انهيءَ جي مٿان مسلمانن جو عمل هو. (بهارِ شريعت ج۳ص۴۹۶) {۲} قرآن شريف جي آداب ۾ هي بہ آهي تہ ان جي طرف پُٺ نہ ڪئي وڃي، نہ پير ڪيا وڃن، نہ پيرن کي قرآن کان مٿي ڪيو وڃي، نہ هي تہ پاڻ مٿانهين جاءِ تي هجو ۽ قرآن مجيد هيٺ هجي. (اَيضاً) {۳} بي خيالي ۾ قرآن شريف جيڪڏهن هٿن مان ڇُٽي يا طاق وغيره مان زمين تي تشريف فرما (يعني ڪِري) تہ نہ گناهہ آهي نہ ئي ڪو ڪفارو. {۴} گستاخي جي نيّت سان ڪنهن مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ زمين تي اُڇلايو يا توهين جي نيّت سان ان تي پير رکيو تہ ڪافر ٿي ويو. {۵} جيڪڏهن قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي يا ان تي هٿ رکي حلف يا قسم جا لفظ چئي ڪا ڳالهہ ڪيائين تہ هي تمام "سخت قسم" ٿيو ۽ جيڪڏهن حلف يا قسم جا لفظ نہ ڳالهايائين تہ صرف قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي يا ان تي هٿ رکي ڳالهہ ڪرڻ نہ قسم آهي ۽ نہ ئي ان جو ڪو ڪفارو آهي. (فتاوٰی رضويه مُخَرَّجه ۱۳/ ۵۷۴ ـ ۵۷۵ مُلَخَّصًا ) {٦} جيڪڏهن مسجد ۾ ڪيترائي قرآن پاڪ جمع ٿي وڃن ۽ سيئي استعمال ۾ نٿا اچن، پيا پيا پراڻا ٿي رهيا آهن تڏهن بہ انهن کي وڪڻي ان جي قيمت مسجد ۾ نٿا لڳائي سگهو، البت اهڙي صورت ۾ قرآن پاڪ ٻين مسجدن ۽ مدرسن ۾ رکڻ جي لاءِ تقسيم ڪري سگهجن ٿا. (فتاوٰی رضويه مُخَرَّجه ۱۶/ ۱۶۴مُلخَّصًا) {۷} جيڪڏهن قرآن شريف پراڻو ٿي ويو، ۽ ان قابل نہ رهيو تہ ان جي تلاوت ڪئي وڃي ۽ اهو ڊپ آهي تہ اِن جا پنا پکڙجي ضايع ٿي ويندا تہ ڪنهن پاڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي احتياط واري جاءِ تي دفن ڪيو وڃي ۽ دفن ڪرڻ ۾ ان جي لاءِ لحد بنائي وڃي (يعني کڏ کوٽي قبلي واري پاسي ديوار کي ايترو کوٽيو جو سيئي مقدَّس اوراق سمائجي وڃن) تہ جيئن ان تي مٽي نہ



www.dawateislami.net

ڪري يا (ڪڏهن رکي) اُن تي تختو لڳائي چت ٻٽائي پوءِ مٿي وجهو ته جيئن ان تي مٽي نه ڪري، قرآن شريف پراڻو ٿي وڃي ته ان کي ساڙيو نه وڃي.
(بهارِ شريعت۳/۴۹۵ مڪتبة المدينه بابُ المدينه ڪراچي) ۔

ميں ادب قرآں کا ہر حال میں کرتا رہوں ہر گھڑی اے میرے مولیٰ تجھ سے میں ڈرتا رہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (۱) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان



www.dawateislami.net

ڪي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.
(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا)

### (2) سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[13]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البدیع، الباب الثانی، ص277 )

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیْہِ رَحمَۃُ اللہِ الھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149 )

---

[13]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65



www.dawateislami.net

### (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(14)

### (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(15)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(16)

---

[14] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[15] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[16] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net